# درود و سلام جون فضيلتون

## هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

( اسلامي ڀينرن جي لاءِ )

04-May-2017

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# درود و سلام جون فضيلتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، راحتِ قَلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: اَوْلَى النَّاسِ بِي يَوْمَ الْقِيامَةِ اَكْثَرُهُمْ عَلَيَّ صَلَاةً ،يعني قيامت جي ڏينهن ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو جيڪو سڀ کان وڌيڪ مون تي دُرُود شريف پڙهندو هوندو. "(ترمذي،أبواب الوتر،باب ماجاء في فضل الصلاة علي النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ، ٢ / ٢٧،حديث:٤٨٤)

حشر میں کیا کیا مزے وارفتگی کے لُوں رضا
لوٹ جاؤں پاکے وہ دامانِ عالی ہاتھ میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيترريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذۡكُرُوالله ، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ پست آواز سان جواب ڏيندس ❁ اجتماع کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس. جيڪو ڪجهہ ٻڌندس ان ڪي سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ کان پوءِ ٻين تائين پهچائي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندس، دورانِ بيان موبائل جي غير ضروري استعمال کان بچندس، نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز (جو تہ ان جي اجازت ناهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شعبان منهنجو مهينو آهي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شعبانُ المعظم جو مُبارَڪ مَهينو جَارِي ۽ سارِي آهي، تنهنڪري اسان کي هن مُبارَڪ مهيني جو خوب ادب ۽ احترام ڪندي وڌ کان وڌ عبادت ۽ تلاوت ڪرڻ گهرجي ڇوتہ هن مهيني کي اسان جي پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان نسبت آهي

جيئن تہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: شَعْبَانُ شَهرِى وَرَمَضَانُ شَهرُ الله، يعني شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رَمَضان الله تَبارَڪ وَتَعاليٰ جو مهينو آهي. (جامع صغير، حرف الشين، ص: ٣٠١،حديث:٤٨٨٩) هن مهيني ۾ دُرُودِ پاڪ جي ڪثرت بہ ڪرڻ گهرجي جيئن غُنية الطّالبين ۾ آهي تہ شَعْبانُ الْمُعَظَّم ۾ پياري آقا، جنابِ محمدِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرُودِ پاڪ جي ڪثرت ڪئي ويندي آهي ۽ هي نبي مُختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرُود موڪلڻ جو مهينو آهي. (غنية الطّالبين،مجلس في فضل شهر شعبان، ٣٤٢/١) روايت ۾ آهي تہ جيڪو شخص شعبانُ المعظم ۾ روزانو ست سو (700) ڀيرا نبي رحمت، شفيعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرودِ پاڪ پڙهندو تہ الله عَزَّ وَجَلَّ ڪجھ ملائڪ مقرَّر فرمائيندو جيڪي ان جي دُرودِ پاڪ کي سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ اقدس ۾ پهچائيندا ۽ ان جي ڪري حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو رُوحِ مُبارڪ خوش ٿيندو، پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ انهن ملائڪن کي حڪم ڏيندو تہ ان شخص جي لاءِ قيامت تائين بخشش جي دُعاءِ ڪندا رهو.

(القول البديع، الباب الخامس في الصلاة عليه في اوقات مخصوصة، الصلاة عليه في شعبان،ص٣٩٥)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جيئن تہ هي مهينو اسان جي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مهينو ۽ دُرودپاڪ پڙهڻ جو مهينو آهي انهيءَ مناسبت سان اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ اڄ اسان درودِ پاڪ جون فضيلتون ٻڌنداسين. جيئن

## جهنم کان آزادي جو پروانو

حضرت سَيد محمود ڪردي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ارشاد فرمائن ٿا: منهنجي والده مَاجده خبر ڏني تہ منهنجي والدِ ماجد (يعني حضرت سيد محمود ڪردي جا نانا سائين) جنهن جو نالو محمد هو انهن مون کي وَصِيت ڪئي هئي تہ جڏهن منهنجو اِنتقال ٿي وڃي ۽ مون کي غُسل ڏنو وڃي تہ ڇت تان منهنجي ڪفن تي هڪ

سَبز رنگ جو رُقعو (چِٺي) ڪرندو جنهن ۾ لکيل هوندو: ”هٰذِهٖ بَرَاءَ ةٌ مُحَمَّدٍ العَالِمِ بِعِلْمِهٖ مِنَ النَّار يعني محمد جيڪو عالِم آهي ان ڪي علم جي سبب جهنم مان ڇوٽڪارو مليل ويو. ان رُقعي ڪي منهنجي ڪفن ۾ رکي ڇڏجو. پوءِ غُسل کان پوءِ رُقعو ڪريو، جڏهن ماڻهن رُقعو پڙهي ورتو مون ان ڪي ان جي سيني تي رکي ڇڏيو. ان رُقعي ۾ هڪ خاص ڳالهه اها هئي جو جهڙي طرح صفحي جي مٿان کان پڙهيو ويندو هو اهڙي طرح صفحي جي پويان کان به پڙهيو ويندو هو. مون پنهنجي والده ماجده کان پڇيو ته نانا سائين جو عمل ڪهڙو هو؟ اَمڙ سائڻ فرمايو: ” كَانَ اَكْثَرُ عَمَلِهٖ دَوَامُ الذِّكرِمَعَ كَثْرَةِ الصَّلٰوةِ عَلَى النَّبِى، يعني انهن جو هي عمل هو ته هو هميشه ذِڪرُالله ڪرڻ سان گڏوگڏ دُرُودِپاڪ جي ڪثرت به ڪندا هئا.
(سعادَة الدارين، الباب الرابع ،اللطيفة السادسة والتسعون، ص١٥٢)

میری زبان تر رہے ذِکر و دُرُود سے
بے جاہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فضول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ڏٺو درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪهڙو بهترين عمل آهي جو ان جي برڪت سان ماڻهن جي اکين جي اڳيان جهنَّم کان آزادي جو پروانو اچي ويو، جن ماڻهن نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درودِ پاڪ پڙهڻ جي اها برڪت پنهنجي اکين سان ڏٺي هوندي، يقيناً انهن جو به درود وسلام پڙهڻ جو ذهن بڻيو هوندو. اسان کي به گهرجي ته اُٿندي ويهندي، هلندي ڦرندي هر وقت پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي وڌ کان وڌ درود شريف پڙهڻ جي عادت بڻايون. درود و سلام جي فضيلتن تي ڪيئي ڪتاب لکيا ويا

www.dawateislami.net

آهن وقتاً فوقتاً عُلماءِ ڪرام بہ ان جون فضيلتون ۽ فائدا بيان ڪندا رهن ٿا، ياد رکو! قَلَم جي رَوشنائي تہ خَتم ٿي سگهي ٿي، بيان جا اَلفاظ (Words) بہ خَتم ٿي سگهن ٿا، پر حُضُورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرُودوسلام جون فضيلتون پوءِ بہ بيان نٿيون ڪري سگهجن، ڇوتہ دُرُودِ پاڪ اهڙو عمل آهي جو خود رَبُّ العِزَّتعَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جا ملائڪ بہ هي عمل ڪن ٿا. جيئن سيپاري 22 سُورۃُ الأحزاب جي آيت نمبر 56 ۾ اِرشادِ باري تَعاليٰ آهي:

اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓىِٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

**تَرجمو ڪنز الايمان:** بيشڪ اللّٰه ۽ ان جا ملائڪ درود موڪلين ٿا هن نبي (غيب ٻڌائيندڙ) تي اي ايمان وارؤ! ان (محبوب) تي درود پڙهو ۽ خوب سلام موڪليو.

تفسير رُوحُ البيان ۾ آهي تہ هن آيتِ مُبارڪ جي نازِل ٿيڻ ڪان پوءِ محبوبِ ربِّ ذُوالجَلال، شَهنشاهِ خُوش خِصال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ چهري مان خُوشي وچان نُور جون لاٽون نڪرڻ لڳيون ۽ فرمايائون: ”مون کي مُبارڪباد پيش ڪريو ڇوتہ مون کي اها آيتِ مُبارڪ عطا ڪئي وئي آهي جيڪا مون کي ”دُنْيَاوَمَا فِيهَا“ (يعني دنيا ۽ جيڪو ڪجھ هن ۾ آهي ان) ڪان وڌيڪ مَحبوب آهي. (روحُ البيان، پ۲۲،الاحزاب،تحت الآية۵۶، ۲۲۳/۷)

مشهور مُفَسّرِ قرآن، حڪيمُ الاُمَّت حضرت مُفْتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: اها آيت سڳوري سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صَرِيح (واضح طور تي) نعت آهي. هن ۾ اِيمان وارن کي پياري مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرُودو سلام موڪلڻ جو حُڪم ڏنو ويو آهي. لُطف جي ڳالھ هي آهي تہ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ قرآنِ

www.dawateislami.net

ڪريم ۾ ڪافي اَحڪام (Orders) بيان ڪيا آهن، مثال طور نَماز، روزو، حج، وغيره وغيره پر ڪنهن هنڌ اهو اِرشاد ناهي فرمايو ته هي ڪم اسان به ڪيون ٿا، اسان جا ملائڪ به ڪن ٿا ۽ اِيمان وارو! توهان به ڪريو، صرف دُرُود شريف جي لاءِ ئي ائين فرمايو ويو آهي. ان جو سبب بلڪل ظاهر آهي، ڇوته ڪو ڪم به اهڙو ناهي جيڪو خُدا عَزَّوَجَلَّ جو به هجي ۽ ٻانهي جو به. يقيناً الله تَبَارَڪَ وَ تَعَاليٰ جا ڪم اسان نٿا ڪري سگهون ۽ اسان جي ڪمن کان الله عَزَّ وَجَلَّ بُلَند و بالا آهي. جيڪڏهن ڪو ڪم اهڙو آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جو به هجي، مَلائڪ به ڪندا هجن ۽ مسلمانن کي به ان جو حُڪم ڏنو ويو هجي ته اهو صِرف ۽ صرف رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرُود موڪلڻ آهي. جهڙي طرح هلالِ عيد (عيد جي چنڊ) تي سيني جون نگاهون کُتل هونديون آهن اهڙي طرح مَدينه جي چنڊ تي سڀني مَخلُوق جي ۽ خُود خالق جي به نظر آهي. (شانِ حبيب الرحمن، ص١٨٣ ملخصاً)

اگر کوئی اپنا بھلا چاہتا ہے　　اسے چاہے جس کو خدا چاہتا ہے
درود ان پہ بھیجو سلام ان پہ بھیجو　　یہی مومنوں سے خدا چاہتا ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! معلوم ٿيو ته الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ملائڪن جي دُرُود موڪلڻ جو ذِڪر ڪرڻ سان گڏوگڏ اسان کي به دُرُودو سلام موڪلڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. هتي اها ڳالهه ذِهن نشين (Memorize) رکو ته توڙي جو هڪ ئي لَفظ جي نِسبت الله عَزَّ وَجَلَّ، ملائڪن ۽ مُومنن ڏانهن ڪئي وئي آهي پر جنهن ڏانهن نسبت ڪئي وئي آهي ان جي اِعتبار سان معنائون مختلف آهن.

امام بَغَوِي رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو دُرُود رَحمت نازِل ڪرڻ آهي، جڏهن تہ اسان جي دُرُود مان مراد رَحمت جي دُعا ڪرڻ آهي.

(شرح السنة للامام بغوي، ڪتاب الصلاة ،باب الصلاة علي النبي،٢/ ٢٨٠)

هتي هڪ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ جڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻ پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي رحمتون نازل فرمائي رهيو آهي تہ پوءِ اسان کي چو درود پاڪ پڙهڻ يعني دعاءِ رحمت ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي چوتہ اها شيءِ گهري ويندي آهي جيڪا اڳ ۾ حاصل نہ هجي، جڏهن پهريان ئي رَحمتون نازل ٿي رهيون آهن، پوءِ گهرڻ جو حُڪم چو ڏنو؟

مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیه هن جي وضاحت (Explain) ڪندي فرمائن ٿا: اي دُرُود و سلام پڙهڻ وارو! هرگز هر گز هي گُمان بہ نہ ڪجو تہ اسان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي اسان جون رَحمتون توهان جي گهرڻ تي مَوقُوف آهن ۽ اسان جا محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ توهان جي دُرُود و سلام جا مُحتاج آهن. توهان دُرُود پڙهو يا نہ پڙهو، انهن تي اسان جون رَحمتون برابر وسنديون رهن ٿيون. توهان جي پيدائش ۽ توهان جو دُرُود و سلام پڙهڻ تہ هاڻي ٿيو آهي. پياري حبيبصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي رَحمتن جي برسات تہ تڏهن کان آهي جڏهن تہ ”جڏهن“ ۽ ”ڪڏهن“ بہ نہ بڻايا هئا. ”جتي“ ”اتي“ ”ڪٿي“ کان بہ پهريان انهن تي رَحمتون ئي رَحمتون آهن. توهان کان دُرُود و سلام پڙهائڻ يعني پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَجي لاءِ رحمت جي دُعا گهرائڻ توهان جي پنهنجي ئي فائدي جي لاءِ آهي توهان دُرُود و سلام پڙهندو تہ ان ۾ توهان کي گهٽو اَجر ۽ ثواب ملندو.“ (شان حبيب الرحمن،ص١٨۴ملخصاً )

www.dawateislami.net

کربلا والوں کا صدقہ یا نبی!
دُور ہوں رَنج و اَلَم چشمِ کرم
وِردِ لب ہر دم دُرودِ پاک ہو
یا شہِ عرب و عجم! چشمِ کرم

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! يقيناً اسان جي پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اسان جي دُرُودِ پاڪ جي ڪا حاجت ناهي بلڪ هن ۾ درودِ پاڪ پڙهڻ واري جو ئي فائدو آهي جيڪو درود وسلام جي جيتري ڪثرت ڪندو ان جي اعمال نامي ۾ ثواب جو ذخيرو به ايترو ئي گهڻو وڌندو پر شيطان ڪڏهن به هي نه چاهيندو ته ڪثرت سان درود پاڪ پڙهي اسان جي نيڪين ۾ اضافو ٿئي، ٿي سگهي ٿو هو اهو وسوسو ڏياري ته فُلاڻي وَقت ۾ دُرُودِ پاڪ نه پڙهڻ گهرجي يا فُلاڻي حالت ۾ پڙهڻ مَنع آهي يا فُلاڻو فُلاڻو دُرُودِ پاڪ نه پڙهڻ گهرجي يا اذان کان پهريان درود پاڪ پڙهڻ بدعت آهي ته هڪدم هن شَيطاني خيال کي دل مان ڪڍي ڇڏيو ۽ اُٿندي ويهندي هلندي ڦرندي ڪثرت سان درودو سلام پڙهندا رهو ڇوته درودپاڪ جي ڪثرت غلامانِ رسولؐ جي علامت آهي جيئن حضرتِ سَيدُنا علي بن حُسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: عَلَامَةُ اَهْلِ السُّنَّةِ كَثْرَةُ الصَّلَاةِ عَلٰى رَسُوْلِ اللهِ يعني رسُول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪثرت سان دُرُود پڙهڻ اهلِ سُنَّت جي علامت آهي. (القول البديع،الباب الاول في الامر بالصلاة علي رسول الله...الخ، ص١٣١) اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ الله تعاليٰ جي ڪرم سان عاشقانِ رسول مُسلمان اَذان کان پهريان، اَذان کان پوءِ، نمازِ جمعه کان پوءِ ۽ ٻين گهڻن موقعن تي دُرُود وسلام پڙهندا آهن ۽ بعض خوش نصيب ته اهڙا به هوندا آهن جو مرڻ وقت به

www.dawateislami.net

انهن جي زبان تي دُرُود وسلام جا ترانا جاري ٿي ويندا آهن.

میں وہ سُنّی ہوں جمیلِ قادری مرنے کے بعد
میرا لاشہ بھی کہے گا اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام

## دُرُود وسلام جو حڪم مُطلق آهي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! شيطان مَڪار ۽ عَيار جتي مسلمانن کي ٻين نيڪ عملن کان روڪڻ جي ڪوشش ڪندو آهي اتي اَذان کان پهريان ۽ بعد ۾ دُرُود و سلام جي حوالي سان ٻه طرح طرح جا وَسوسا ڏياريندو آهي. ياد رهي! الله تبارڪ وتعاليٰ سيپاري 22سُوْرَۃُالاَحْزاب جي آيت نمبر 56 ۾ ڪنهن وقت جي قيد کان بغير ارشاد فرمايو آهي: اي ايمان وارو انهن تي دُرُود ۽ خوب سلام موڪليو. ۽ جيڪا شيءِ شريعت ۾ بنا ڪنهن قيد ۽ شرط جي بيان ڪئي وئي هجي ته ان ۾ پنهنجي طرفان ڪا شرط يا قيد لڳائڻ دُرُست ناهي. جيئن ته الله عَزَّ وَجَلَّ مُطلقاً دُرُود وسلام پڙهڻ جو حڪم فرمايو آهي ان ڪري چاهي اَذان کان پهريان پڙهيو وڃي يا اَذان کان بعد يا ٻنهي هنڌن تي، انهيءَ حڪمِ قرآني تي عمل جي زُمري ۾ ايندو.

اَذاں کیا جہاں دیکھو ایمان والو
پسِ ذِکرِ حق ذِکر ہے مُصطفیٰ کا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! معلوم ٿيو ته قُرآن ۽ حديث ۾ جتي به درود وسلام پڙهڻ جو حڪم آهي اتي ڪنهن وقت، ڪنهن حالت يا ڪنهن ڏينهن وغيره جو ڪو شرط ناهي بلڪ مُطلقاً درود و سلام پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي جيڪو جيترو وڌيڪ پڙهندو ان جي لاءِ ايترو ئي بهتر ٿيندو، جيئن

## دَم بدم صَلِّ عليٰ

حضرتِ سَيدُنا اُبي بِن كعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه كان مروي آهي تہ اُنهن عرض كيو: ”يارسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ!مان تہ اوهان تي تمام گهڻو دُرود شريف پڙهندو آهيان، اوهان ٻڌايو تہ ڏينهن جو كيترو حصو دُرُود خواني جي لاءِ مُقرَّر كيان؟ “تہ نبي كريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ”توهان جيتري قَدر چاهيو مُقرَّر كري وٺو. حضرت اُبي بِن كعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه عرض كيو: ڏينهن رات جو چوٿائي حصو دُرُود پڙهڻ جي لاءِ مُقرَّر كريان؟ تہ سركار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَا شِئْتَ فَاِنْ زِدْتَ فَهوَ خيرٌ لَك يعني توهان جيتري قدر چاهيو مقرر كري وٺو، ها جيكڏهن توهان چوٿائي كان وڌيك حصّو مُقرَّر كندو تہ توهان جي لاءِ بهتر ٿي ٿيندو. حضرت اُبي بِن كعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه عرض كيو تہ مان ڏينهن رات جو نِصف حصو دُرُود پڙهڻ جي لاءِ مُقرَّر كيان؟ تہ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ”مَا شِئْتَ فَاِنْ زِدْتَ فَهوَ خَيرٌ لَك توهان جيتري قَدر چاهيو مُقرَّر كري وٺو ۽ جيكڏهن توهان ان كان بہ وڌيك وقت مُقرَّر كريو تہ توهان جي لاءِ بهتر ٿي ٿيندو. “تہ حضرت اُبي بِن كعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه عرض كيائين ما ڏينهن رات جو بہ ٽهائي مُقرَّر كيان؟ تہ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَا شِئْتَ فَاِنْ زِدْتَ فَهوَ خَيرٌ لَك توهان جيترو چاهيو وقت مُقرَّر كريو ۽ جيكڏهن توهان هن كان وڌيك وَقت مُقرَّر كندو تہ توهان جي لاءِ بهتر ٿي ٿيندو. تہ حضرت اُبي بِن كعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه عرض كيائين: اَجْعَلُ لَك صَلَاتِي كلّها، مان ڏينهن رات جو كُل حصِّو دُرُود پڙهڻ ۾ ئي صرف كندس. تہ سركار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو:

www.dawateislami.net

اِذًا تُكفَى همُّكَ وَيغفَرُ لَكَ ذَنبُكَ جيكڏهن توهان ائين كندو ته دُرُود شريف توهان جي تمام فِكرن ۽ غمن كي پري كرڻ جي لاءِ كافي ٿي ويندو ۽ توهان جي تمام گناهن جي لاءِ ڪفّارو بڻجي ويندو.“ (ترمذي،كتاب صفة القيامة،باب٢٣، ٢٠٧/۴،حديث:٢۴۶۵)

ذاتِ والا پہ بار بار درود بار بار اور بے شمار دُرُود
سر سے پا تک کرور بار سلام اور سراپا پہ بے شمار درود
بے عدد اور بے عدد تسلیم بے شمار اور بے شمار درود
بیٹھتے اٹھتے جاگتے سوتے ہو الٰہی مرا شعار درود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان دُرُود شريف جي جيتري ڪثرت ڪنداسين اسان جي نيڪين ۾ اضافو ٿي ٿيندو ويندو، ڪثرت سان مراد هي ضروري ناهي ته اسان پنهنجي اهل وعيال جا حق ۽ سڀ ڪم ڪار ڇڏي ڏبل ٻارهن ڪلاڪ صرف دُرود وسلام ئي پڙهندا رهون تڏهن ڪثرت سان دُرُودو سلام پڙهڻ وارن ۾ شمار ٿينداسين جيڪڏهن حقوق العباد جي ادائيگي سان گڏوگڏ اها سعادت نصيب ٿي وڃي ته ڇا ڳالهه آهي ...!! پر هر هڪ جي لاءِ ائين ممڪن نه ناهي، بزرگانِ دين اسان جي آساني لاءِ ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهڻ بابت مختلف تعداد بيان ڪيو آهي جيڪڏهن اسان انهن مان ڪنهن نه عدد ڪي مخصوص ڪري درود پاڪ پڙهڻ پنهنجو معمول بڻائينداسين ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ درودِ پاڪ جون گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون. اچو! هن باري ۾ بزرگانِ دين جا ڪجهه قول ٻڌون ٿا.

عَلّامہ يوسف نبهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هڪ بُزرگ جو قول نقل ڪندي فرمائن ٿا: ''ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهڻ جي گهٽ مان گهٽ مقدار روزانو ساڍا ٽي سو (350) ڀيرا ڏينهن ۾ ۽ هر رات ۾ ساڍا ٽي سو ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهڻ آهي.'' (افضلُ الصَّلوات علٰي سيد السَّادات، ص٣٠)

حضرتِ سيدُنا امام عبدالوهاب شَعْرَاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ''ڪشفُ الغُمّہ'' ۾ بعض عالم سڳورن جو قول نقل فرمائن ٿا: ”سرڪارِ مدينہ(صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تي ڪثرت سان دُرُود شريف جي گهٽ مان گهٽ تعداد هر رات (700) ست سو ڀيرا ۽ هر ڏينهن (700) ست سو ڀيرا آهي.“ (ڪشفُ الغُمّة عن جميع الامّة للشّعراني باب جامع لفضائل الذڪر بجميع انواعه مطلقاومقيدا فصل في الامر بالصلاة علي النبي والترغيب...الخ ج١ ، ص٣٢٧ دارالڪتب العلميه)

حضرتِ سيدُنا شيخ عبدالحق مُحدِّث دِهلَوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا:''روزانو گهٽ مان گهٽ هڪ 1000 هزار ڀيرا دُرُود شريف ضَرور پڙهو نہ تہ (500) پنج سو تي اِڪتِفا ڪريو. بعض بُزُرگن روزانو (300) ٽي سو ۽ بعض نمازِ فَجر ۽ عَصر کان پوءِ بہ بہ سو پڙهڻ بابت فرمايو آهي. ۽ ڪجهہ سمهڻ وَقت بہ پڙهڻ جي عادت ٻڌايو. مزيد فرمائن ٿا: ”روزانو گهٽ مان گهٽ سو (100) ڀيرا دُرُود پاڪ تہ ضَرور پڙهڻ گهرجي. ”بعض دُرُود شريف جا اهڙا صيغا آهن (مثال طور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جنهن کي پڙهڻ سان 1000هزار جو عدد آساني سان ۽ جلدي پورو ٿي ويندو آهي. (جيڪڏهن ان کي وظيفو ٻڌايو وڃي) ۽ ائين بہ جيڪي ڪثرت سان دُرُودِ پاڪ پڙهڻ جو عادي هوندو آهي ان تي اهو آسان ٿي ويندو آهي. مطلب تہ جيڪو عاشقِ رسول (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) هوندو آهي ان کي دُرُود و سلام پڙهڻ سان اها لَذت ۽ مناس حاصل ٿيندي آهي جيڪا ان جي رُوح کي قوت پهچائيندي آهي. (جذبُ القلوب ص ٢٣١،٢٣٢ ملتقطا نوريه رضويه پبليشنگ ڪمپني)

www.dawateislami.net

حضور ایسا کرم مجھ پہ کاش ہو جائے
میرا وظیفہ دُرُود و سلام ہو جائے

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! روزانو سو ڀيرا، ٽي سو ڀيرا، يا صبح ۽ شام ٻہ ٻہ سو ڀيرا بلڪ روزانو هڪ هزار ڀيرا دُرُود و سلام پڙهڻ بہ وڌيڪ مشڪل (Difficult) ناهي، الله تعالي توفيق عطا فرمائي. سوال هي پيدا ٿئي ٿو تہ اسان جا بُزرگ سڳورا رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين روزانو ڏهہ ڏهہ هزار ڀيرا بلڪ چاليهہ چاليهہ هزار ڀيرا دُرُود شريف ڪهڙي طرح پڙهندا هوندا؟ ۽ انهن ڪي ٻي عبادات، گهريلو ۽ معاشي مُعاملات، پوءِ سُنّتن جي تبليغ، طَعام ۽ آرام وغيره جي لاءِ ڪهڙي نموني وَقت ملندو هوندو؟ ان جو جواب هي آهي تہ بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين اسان وانگر دُنيا جي مَحَبَّت ۾ گرفتار نہ هئا ۽ نہ ئي اسان وانگر فضول گوئي انهن جو شيوو هو، اهڙي طرح انهن وٽ ضروري ڪم مثال طور ڪائڻ پيئڻ ۽ حلال ڪمائڻ کان بعد بہ ڪافي وقت هوندو هو جنهن کي اهي درود شريف پڙهندي گذاريندا هئا، اسان شيطان جي فريب ۾ اچي هن ڪجهہ ڏينهن جي زِندگي ئي کي سڀ ڪجهہ سمجهي رکيو آهي ۽ هر وَقت، هر گهڙي هن فاني دُنيا جي آرائشن ۽ آسائشن ۾ گم آهيون. اَفسوس!قَبر جي طَويل زِندگي ۽ آخرت جي ڪڙي ۽ سخت ترين منزل جي طرف اسان جو بلڪل ڌيان ناهي. بُزرگانِ دين ۽ اَولياء ڪاملين رَحمَةُ اللهِ تَعالٰی عَلَيهِم اَجمَعِين کي هن ڳالهہ جو مُڪمل احساس (Feeling) رهندو هو تہ هتي جي زِندگي ڪجهہ ڏينهن جي آهي، اها آناً فاناً ختم ٿي ويندي. جيڪو ڪجهہ آهي اهو مرڻ کان پوءِ واري اَبَدي زِندگي آهي. اَولياء ڪرام ۽ بُزرگانِ دين کي اهو احساس بہ هوندو هو تہ دُنيا جي مُختصر زِندگي تي ئي بعد واري طويل زِندگي جو دارو مدار آهي. جيڪڏهن دُنيا جي زِندگي عيش پرستي

www.dawateislami.net

۽ نافرماني ۾ نہ گذاري تہ مرڻ کان پوءِ رَحمتِ خداوَندي سان اَبدي ۽ سَرمَدي نعمتن جي قوِي اُميد آهي. جڏهن هي اللّٰه وارا پنهنجي زِندگي اِسلام جي پاڪيزه اُصولن ۽ پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سُنّتن ۽ سندن مبارڪ ذات تي دُرُودِ پاڪ پڙهڻ ۾ گذاريندا آهن تہ اسان جا آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ بہ مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ انهن کي اڪيلو نٿا ڇڏين بلڪ مصيبت جي وقت پهچي انهن جي مدد ڪندا آهن، اچو! هن باري ۾ تي ايمان افروز واقعا ٻڌون ٿا.

## جهاز ٻڏڻ کان بچي ويو

حضرت شيخ موسيٰ ضرير رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: مان هڪ قافلي سان گڏ بحري جهاز ۾ سفر ڪري رهيو هئس تہ اوچتو جهاز طُوفان جي زَد ۾ اچي ويو هي طُوفان قَهرِ خُداوَندي بڻجي جهاز کي لوڏڻ لڳو، اسان يقين ڪري ويناسين تہ ڪجھ گهڙين ۾ جهاز ٻڏي ويندو ۽ اسان سيئي موت جي حوالي ٿي ويندا سين. انهيءِ عالَم ۾ مون تي ننڊ جو غلبہ ٿيو ۽ ڪجھ گهڙين جي لاءِ مون تي غُنُودگي طاري ٿي وئي، ڇا ٿو ڏسان تہ خَواب ۾ رَحمتِ عالميان، مڪي مَدَني سلطان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تشريف فرما ٿيا آهن ۽ دُرُودِ تُنَجِّينا[1] پڙهي مون کي ارشاد فرمايو: ”توهان ۽ توهان جا ساٿي هڪ هزار 1000 ڀيرو هي دُرُود پڙهي وٺو.“ جڏهن مان بيدار ٿيس تہ مون پنهنجي تمام دوستن کي گڏ ڪيو ۽ ان دُرُودِ پاڪ جو وِرد شروع ڪري ڇڏيو. اجا تي سو ڀيرا ئي هي دُرُودِ پاڪ پڙهيو

---

[1] دُرُودِ تُنَجِّيْنَا: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ صَلَاةً تُنَجِّيْنَا بِهَا مِنْ جَمِيْعِ الْاَهْوَالِ وَالْاٰفَاتِ وَتَقْضِيْ لَنَا بِهَا جَمِيْعَ الْحَاجَاتِ وَتُطَهِّرُنَا بِهَا مِنْ جَمِيْعِ السَّيِّئَاتِ وَتَرْفَعُنَا بِهَا اَعْلَى الدَّرَجَاتِ وَتُبَلِّغُنَا بِهَا اَقْصَى الْغَايَاتِ مِنْ جَمِيْعِ الْخَيْرَاتِ فِي الْحَيَاةِ وَبَعْدَ الْمَمَاتِ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ

www.dawateislami.net

هو جو طُوفان جو زور گهٽ ٿيڻ لڳو ۽ طُوفان آهستي آهستي گهٽجي ويو، سمنڊ جي سطح پُراَمن ٿي وئي ۽ ان دُرُودِ پاڪ جي بَرَڪت سان تمام جهاز وارن کي نَجات ملي وئي.“ (القول البديع،الباب الخامس في الصلاة عليه في اوقات مخصوصة، ص۴۱۵،ملخصاً ومفهوماً)

دنیا و آخرت میں جب میں رہوں سلامت
پیارے پڑھوں نہ کیوں کر تم پر سلام ہر دم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هٿ جو درد ۽ سوڄ ختم ٿي وئي

”هڪ بُزرگ فرمائن ٿا: مان حمام ۾ ڪري پيس، منهنجي هٿ تي سخت زخم آيو جنهن جي ڪري هٿ ۾ ڪافي سُوڄ ٿي پئي، مان وڏي تڪليف مَحسوس ڪري رهيو هئس، رات جو جڏهن سُتس ته چا تو ڏسان ته خَواب ۾ جنابِ رسالتِ مآب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جلوه عالَمِ تاب نظر آيو، مُبارڪ چپن کي جُنبِش ٿي رَحمت جا گُل ترِيا ۽ منا بول ڪجهه ائين ترتيب ۾ آيا: ”پٽ! توهان جي دُرُود مون کي مُتَوَجِّہ ڪيو. صُبح اُٿيس ته مُصطَفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بَرَڪت سان دَرد ته دُور ٿي چڪو هو گڏوگڏ سوڄ جو نالو نشان به مِٽجي چُڪو هو. (سعادة الدارين،الباب الرابع فيماورد من لطائف المرائي والحكايات في فضل الصلاه ...الخ، ص۱۴۰)

مری تاریک راتیں جگمگا دو
کبھی سُوئے غریباں بھی نظر ہو
ہراساں ہو مصیبت میں وہ کیونکر
تمہارے لطف پر جس کی نظر ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## امام بوصيري تي سركار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ڪرم

امام شَرفُ الدين محمد بُوصيري رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: مون تي فالج (اڌ رنگ) جو شديد حملو ٿيو جنهن جي ڪري منهنجو اڌ جسم بلڪل بي حِس ۽ بي حرڪت ٿي ويو. گهڻو علاج ڪرايو پر خاطِر خواه فائدو نہ ٿيو. وڏي نااميدي ۽خوف جي حالت ۾ مون سوچيو تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شان ۾ هڪ قصيدو لکان ۽ ان جي توَسُّط سان بارگاهہ رَبُّ العزَّت ۾ پنهنجي صحت يابي جي لاءِ دُعا ڪيان، الله عَزَّوَجَلَّ جي فَضل وڪرم سان مان پنهنجي هن اِرادي ۾ ڪامياب ٿي ويس. پوءِ مون قصيده (برُده شريف) لکڻ شروع ڪيو، قصيدي جي اِختتام تي ئي مان ننڊ جي آغوش ۾ هليو ويس. اکيون تہ ڇا بند ٿيون دل جون اکيون روشن ٿي ويون، منهنجا ڀاڳ کلي پيا جو منهنجي خواب ۾ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تشريف ڪٺي آيا. پاڻ سڳورن عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پنهنجو دستِ مُبارڪ منهنجي جسم تي ڦيريو ۽ پنهنجي مُبارڪ چادر(برده) منهنجي جسم تي وجهي ڇڏي. ان جي بَرڪت سان مان هڪدم صحتياب ٿي ويس مان جڏهن ننڊ مان بيدار ٿيس تہ پنهنجي پاڻ کي بيهڻ ۽ حَرڪت ڪرڻ لائق محسوس ڪيو. (عصيدة الشهدہ ،۳۷،ملخصاً)

ميرے تم خواب ميں آؤ ميرے گھر روشنی ہوگی
ميری قسمت جگا جاؤ عنايت يہ بڑی ہوگی

اچو! برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسان بہ هن قصيده برده شريف جا ڪجهہ شعر گڏجي پڙهون ٿا.

مَوْلَایَ صَلِّ وَسَلِّم دَائِماً اَبَدا | عَلَى حَبِيْبِكَ خَيْرِ الخَلْقِ كُلِّهِمِ
هُوَ الحَبِيْبُ الَّذِى تُرجَى شَفَاعَتُه | لِكُلِّ هَوْلٍ مِنَ الْاَهْوَالِ مُقْتَحِمِ
مُحَمَّد سَيِّدُ الكَوْنَيْنِ والثَّقَلَيْنِ | والفَرِيْقَيْنِ مِنْ عُرْبٍ وَمِنْ عَجَمِ
يَا رَبِّ بِالْمُصْطَفٰى بَلِّغْ مَقَاصِدَنَا | وَاغْفِرْلَنَامَامَضٰى يَا وَاسِعَ الْكَرَمِ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ڏٺو نبي رحمت،شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي ڪنهن امتي جي پريشاني برداشت ناهي ۽ هڪدم مصيبت زده، پريشان حال اُمّتي جي مدد لاءِ پهچي ويندا آهن تنهنڪري اسان کي به ڏينهن هجي يا رات اسان کي پنهنجي مُحسن ۽ غمگسار آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذات تي دُرُودوسلام جي ڪثرت ڪندو ئي رهڻ گهرجي . هن ۾ هرگز ڪوتاهي نہ ڪرڻ گهرجي ڇوتہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا اسان تي بي شُمار اِحسان آهن. بَطَنِ سَيده آمنہِ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہا مان دُنيا ۾ جلوه اَفروز ٿيندي ئي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سَجدو فرمايو ۽ مبارڪ چپن تي اها دُعا جاري هئي: رَبِّ هَبْ لِي أُمَّتِي يعني پَرْوَرِدگار! منهنجي اُمّت کي بخشي ڇڏ. (فتاوي رضويه، ٧١٢/٣٠ ملخصا) امام زرقاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه نَقل فرمائن ٿا:”ان وَقت پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آڱريون اهڙي طرح ڪنيون هيون جيئن ڪو گِريہ و زاري ڪرڻ وارو ڪڻندو آهي.“ (زرقاني علي المواهب،ذڪرتزويج عبدالله آمنة،١/ ٢١١)

”رَبِّ هَبْ لِي أُمَّتِي“ کہتے ہوئے پیدا ہوئے
حق نے فرمایا کہ بخشا ”الصَّلٰوۃُوَالسَّلام“

رَحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سَفرِمِعراج تي روانگي جي وقت اُمَّت جي

www.dawateislami.net

گنهگارن کي ياد ڪري روئڻهارڪا تي ويا، ديدارِ جمالِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۽ خُصوصي نوازشات جي وقت بہ گُنهگارانِ اُمَّت کي ياد فرمايو. (بخاري، ڪتاب التوحيد، باب قوله تعاليٰ وكلم الله موسٰي تكليمًا،۴/ ۵۸۱، حديث:۷۵۱۷ مفهوماً) سڄي عُمر (وقتا فوقتا) اُمَّت جي لاءِ غمگين رهيا. (مسلم، باب دعاء النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لامته وبُكائه شفقة عليهم، ص۱۰۹، حديث:۳۴۶ مفهومًا) جڏهن قبر شريف ۾ لاٿو ويو تہ مبارڪ چپن کي جُنبش هئي، بعض صحابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوان ڪن لڳائي ٻڌو، آهستي آهستي اُمَّتِي اُمَّتِي (منهنجي اُمّت) فرمائي رهيا هئا. قِيامت ۾ بہ انهن جي دامن ۾ پناه ملندي، تمام اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلام نَفْسِي نَفْسِي اِذْهَبُوْا اِلٰى غَيْرِى (اڄ مون کي پنهنجي فڪر آهي ڪنهن ٻئي وٽ هليا وڃو) چوندا ۽ پاڻ غَمْخوارِ اُمَّت جي لب تي يارَبِّ اُمَّتِى اُمَّتِى (اي رَبّ ! منهنجي اُمَّت کي بخشي ڇڏ) جو شور هوندو. (مسلم،باب ادني اهل الجنَّة منزلة فيها، ص۱۰۵ ، حديث:۳۲۶) تنهنڪري جڏهن نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نہ صرف سڄي زندگي پنهنجي اُمَّت جي گنهگارن کي ياد رکيو بلڪ قيامت ۾ بہ اسان جي شفاعت فرمائيندا تہ مَحبَّت ۽ عَقيدت بلڪ مُروَّت جي بہ اها تقاضا (Demand) آهي تہ اسان بہ اُمَّتي هئڻ جو ثُبوت ڏيندي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سُنَّتن تي عمل ڪريون ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرُودوسلام پڙهڻ کان ڪڏهن بہ غَفْلَت نہ ڪيون.

جو نہ بھولا ہم غریبوں کو رضا ۔۔۔ یاد اُس کی اپنی عادت کیجئے

مُصطفٰے خیرُ الورٰی ہو ۔۔۔ سرورِ ہَر دو سَرا ہو
اپنے اچھوں کا تصدُّق ۔۔۔ ہم بدوں کو بھی نِباہو
ہم وُہی بے شرم و بد ہیں ۔۔۔ تُم وہی کانِ حیا ہو

www.dawateislami.net

ہم وُہی قابل سزا کے تم وہی رَحم خدا ہو
عُمر بھر تو یاد رکھا وقت پر کیا بُھولنا ہو
حق دُرودیں تم پہ بھیجے تُم مُدام اُس کو سراہو
کیوں رضاؔ مشکل سے ڈریئے جب نبی مشکل کُشا ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان جا پيارا آقاء مديني وارا مصطفٰيﷺ اسان سان بيحد مَحَبَّت ڪن ٿا جو هر وقت پنهنجي گُناهه گار اُمّت جي بخشش جي لاءِ پنهنجي رَبّ جي بارگاهه ۾ التجائون ۽ دُعائون ڪن ٿا يقيناً پاڻ ڪريم ﷺ جا اسان تي بيشُمار احسان آهن. پر هي ڪٿهن مُمڪن آهي ته اسان سندن شڪريو ادا ڪري سگهون. بس ايترو ئي ڪيون جو انهن تي دُرُود وسلام جا تُحفا موڪليون يعني رحمت عالم ﷺ جي حق ۾ دُعاءِ رَحمت ڪريون. جيئن فقير سخي داتا ڪي دعائون ڏيندا آهن.

شُکر ایک کرم کا بھی اَدا ہو نہیں سکتا
دِل ان پہ فِدا جانِ حسنؔ ان پہ فِدا ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”انفرادي ڪوشش“

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! پنهنجي سينن ۾ محبتِ رسول وڌيڪ وڌائڻ ۽ درود و سلام جي عادت بڻائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ڪري دعوتِ اسلامي جي 8 مدني ڪمن ۾ وڌي ڪري حصو

ونو. انهن 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم روزانو ”انفرادي ڪوشش ڪرڻ“ بہ آهي. جيئن تہ سرڪارِ دو عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ جي قسم! جيڪڏهن الله توهان جي ذريعي ڪنهن هڪ کي بہ هدايت ڏئي ڇڏي تہ هي توهان جي لاءِ سرخ اُنن کان بهتر آهي“ (سنن ابو داؤد)

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ رحمتِ ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”نيڪي جي طرف رهنمائي ڪرڻ وارو بہ نيڪي ڪرڻ واري وانگر آهي“ (جامع ترمذي، ج. 4، ص. 305، رقم 2679)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٿورو سوچيو جيڪڏهن اسان ٿوري ڪوشش ڪريو ۽ ماڻهن تائين نيڪي جي دعوت پهچائي ڪري انهن کي اجتماع ۾ وٺي اچون ۽ انهن مان ڪو هڪ بہ اجتماع جي برڪت سان گناهن ڀري زندگي ڇڏي نيڪ بڻجي وڃي تہ ڪيترو عظيم الشان ثواب جو خزانو اسان جي نامہ اعمال ۾ اچي ويندو. هن ضمن ۾ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## مان گانا لکندي هئس

پنجاب (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو لبّ لباب آهي تہ مان گانا باجا تمام گهڻي شوقين هئس. مون وٽ گانن جو تمام گهڻيون ڪيسٽون ۽ ڪتاب جمع هئا بلڪ پاڻ بہ گانا لکندي هئس. فلمن ڊرامن جي اهڙي ديواني هئس جو ايئن لڳندو هو جو شايد انهن جي بغير (معاذ الله) مان جي نہ سگهندس. افسوس جو نگاهن جي حفاظت جو بالڪل ذهن نہ هو. الله عَزَّوَجَلَّ جي

ڪرم سان بالآخر گناهن جي زندگي کان ڪناره ڪشي جي صورت بڻجي ئي وئي. اي.ن ٿيو جو مون کي دعوتِ اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفته وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ٿي. هن سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ واري بيان، دعا ۽ اسلامي ڀينرن جي انفرادي ڪوشش جي مدني گلن منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون پنهنجي گناهن کان توبهه ڪئي ۽ سنتن ڀريي زندگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وجو. تادمِ تحرير حلقه ذمه دار جي حيثيت سان سنتن جي خدمت جي سعادت حاصل ڪري رهي آهيان.

ڪرم جو آپکا اے سیدِ ابرار ہو جائے　　تو ہر بدکار بندہ دم میں نیکوکار ہو جائے

## دلين جي صفائي ٿيندي آهي:

دروديپاڪ پڙهڻ جو هڪ فائدو هي آهي ته ان جي برڪت سان دلين جي صفائي ٿيندي آهي. افسوس اڄ اسان جون دليون گناهن کان آلوده ٿي اهڙيون سخت ٿي چڪيون آهن جو نصيحت جي ڪا ڳالهه انهن تي اثر ناهي ڪندي خدانخواسته گناهن جي اها عادت مرڻ گهڙي تائين قائم رهي ته سياڻي قيامت ۾ اسان الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندا سين، تنهنڪري گناهن کان توبه ڪريو ۽ دلين جي صفائي جي لاءِ درودِ پاڪ جي عادت بڻايو. فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: هر شيءِ جي لاءِ طهارت ۽ غُسل آهي ۽ مومنن جي دِلين جي زنگ جي صفائي مون تي دُرُود پڙهڻ آهي.
(القول البديع، الباب الثاني في ثواب الصلاة والسلام علي رسول الله،ص ٢٨١ )

یا الٰہی درود کے صدقے
دل کا سب زنگ دور ہو جائے

www.dawateislami.net

## روزي ۾ برڪت ٿيندي آهي:

درود پاڪ پڙهڻ جو هڪ فائدو هي بہ آهي تہ ان جي برڪت سان رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي اڄ اسان جي معاشري ۾ تنگدستي ۽ بي روزگاري عام آهي، هر هڪ معاشي مسئلن جي حل جي لاءِ مختلف طريقا اپنائڻ ۾ مصروف آهي ياد رکو هي سڀ اسان جي برن عملن جو نتيجو آهي جيڪڏهن اسان رزق ۾ تنگي جا سبب مثال طور نمازون ڇڏڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، ناشڪري ڪرڻ، رزق جي بي قدري ڪرڻ وياج ۽ بدڪاري جهڙن گناهن کان بچندي اسلامي تعليمات تي عمل ڪريون ۽ پنهنجي محسن آقا، حبيب ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود پاڪ جي عادت بڻايون تہ نہ صرف اسان کي تمام پريشانين کان نجات ملي سگهي ٿي بلڪ رزق ۾ خوب خوب برڪت بہ ٿيندي جيئن تہ فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: ”جنهن کي ڪا سخت حاجت در پيش هجي تہ ان کي گهرجي تہ مون تي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهي، ڇوتہ هي مصيبتن ۽ تنگين کي پري ڪندو آهي ۽ روزي ۾ برڪت ۽ حاجتن کي پورو ڪندو آهي.

(بستان الواعظين ورياض السامعين لابن جوزي، ص ۴۰۷)

اے حَسنؔ خارِ غم کو دل سے نکال
غمزدوں کی ہے غمگسار درود

## وسري ويل شيون ياد اچي وينديون آهن:

دُرُودِپاڪ پڙهڻ جو هڪ فائدو هي بہ آهي تہ ان جي برڪت سان حافظو قوي ٿيندو آهي ۽ وسري ويل شيون ياد اچي وينديون آهن. اڄ حافظي جي ڪمزوري جو هي حال آهي جو ڪلاڪين ڪنهن شيءِ کي ياد ڪرڻ کان پوءِ بہ ڊگهي عرصي تائين اسان کي ڪا شيءِ ياد ناهي رهندي ۽ ڪا شيءِ رکي ڪري وسري وڃون تہ ضرورت جي وقت ياد ناهي ايندي، هن پريشاني کان نجات جي لاءِ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ جي عادت بڻايو اِنْ شَآءَاللهُ

www.dawateislami.net

عَزَّوَجَلَّ حافظو قوي ٿيندو ۽ وسري ويل شيء ضرورت جي وقت ياد اچي ويندي جيئن تہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جڏهن توهان ڪنهن شيء کي وساري ڇڏيو تہ مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهو، اها شيء اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان کي ياد اچي ويندي. (جلاء الافهام، ص۲۳۹) دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبةُ المَدِينہ جي شايع ٿيل 419 صَفحن تي مشتمل ڪتاب، "مَدَني پنج سوره" جي صفحي 169 تي آهي: جيڪڏهن ڪنهن شخص کي نِسيان (Memory loss) يعني وسري وڃڻ جي بيماري هجي تہ هو مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ هن دُرُودِ پاڪ کي ڪثرت سان پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ حافظو قَوي ٿي ويندو.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِي

الْكَامِلِ وَعَلٰى اٰلِهٖ كَمَا لَانِهَايَةَ لِكَمَالِكَ وَعَدَدَ كَمَالِهٖ

## غيبت کان حفاظت ٿيندي آهي:

دروديپاڪ پڙهڻ جو هڪ فائدو هي بہ آهي جنهن مجلس ۾ درودِ پاڪ پڙهيو وڃي ان ۾ ماڻهن جي غيبت کان بچڻ جي توفيق ملندي آهي، اڄ اسان جي معاشري ۾ غيبت ايتري قدر عام آهي جو جتي ڪجھ ماڻهو گڏ ٿيا تہ غيبت ۽ چغلي جو نہ ختم ٿيڻ وارو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي. غيبت ايمان جي لاءِ ڪيتري قدر خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي هن جو اندازو هن روايت مان لڳايو جو غيبت ۽ چغلي ايمان کي اهڙي طرح ڪَٽيندي آهي جهڙي طرح ٻڪرار وڻ کي ڪَٽي ڇڏيندو آهي. (الترغيب والترهيب، كتاب الادب، الترهيب من الغيبة ...الخ، ۳/ ۴۰۵ ، حديث: ۴۳۶۲) تنهنڪري غيبت کان بچڻ جي لاءِ شيخِ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي تصنيف "غيبت جون تباهہ ڪاريون" جو مطالعو ڪريو ۽ جتي ڪجھ ماڻهن ۾ ويهڻ جو موقعو ملي تہ پاڻ بہ درودِ پاڪ پڙهو ۽ سيني کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان غيبت کان ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو، حضرت علامہ مَجدُ الدِّين فيروز آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان منقول آهي: جڏهن ڪنهن

www.dawateislami.net

مجلس ۾ ويهو تہ ائين چوندا ڪريو: بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيمِ وَصَلَّی اللهُ علٰی مُحَمَّدٍ، (ان جي برڪت سان) الله عَزَّوَجَلَّ توهان تي هڪ ملائڪ مُقرَّر فرمائيندو جيڪو توهان کي غيبت کان باز رکندو ۽ جڏهن مجلس مان اُٿو تہ ان وقت بہ بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيمِ وَ صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ چوندا ڪريو تہ ملائڪ انهن کي توهان جي غيبت ڪرڻ کان باز رکندو. (القول البديع،الباب الثاني في ثواب الصلاة والسلام علي رسول الله،ص۲۷۸)

مجھے غیبت و چُغلی و بدگمانی
کی آفات سے تُو بچا یاالٰہی

## جُدا ٿيڻ کان پهريان بَخشِش ٿي ويندي آهي:

درودِ پاڪ پڙهڻ جو هڪ فائدو هي بہ آهي تہ جيڪڏهن ملاقات جي وقت سلام ۽ مصافحي کان پوءِ درود شريف پڙهيو وڃي تہ ملاقات ڪرڻ وارن جي مغفرت ٿي ويندي آهي. سلام ۽ مصافحو ڪرڻ اسان جي پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنت آهي، بدقسمتي سان اسان جي معاشري مان اها سنت بہ ختم ٿيندي نظر اچي رهي آهي ۽ جيڪي ماڻهو سلام ۽ مصافحو ڪن ٿا اهي بہ پنهنجي ئي ڄاڻ سڃاڻ وارن سان ملڻ پسند ڪن ٿا جڏهن تہ اسلام هر هڪ کي سلام ڪرڻ جي تعليم ڏني آهي جنهن کي اسان سڃاڻون ٿا يا نٿا سڃاڻون، سلام ۽ مصافحي سان نہ رڳو پاڻ ۾ مَحَبَّت وڌندي آهي بلڪ جيڪو شخص ملاقات جي وقت نبي ڪريم ،رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درودِ پاڪ پڙهندو آهي الله عَزَّوَجَلَّبنهي جي جدا ٿيڻ کان پهريان انهن جي بخشش فرمائيندو آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پاڻ ۾ مَحَبَّت ڪرڻ وارا بہ دوست پاڻ ۾ ملن ٿا ۽ مُصافَحو ڪن ٿا ۽ نبي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي

دُرُودِ پاڪ پڙهن ٿا تہ انهن ٻنهي جي جُدا ٿيڻ کان پهريان پهريان ٻنهي جا اڳوٺا ۽ بعد وارا گُناهہ بَخشيا ويندا آهن. (شعب الايمان، فصل في المصافحة والمعانقة و غيرهما...الخ، ۶/ ۴۷۱، حديث :۸۹۴۴ )

جو درود وسلام پڑھتے ہیں
ان پہ ربّ کا سلام ہوتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب”گلدستہ دُرود و سَلام“ جو تعارف

اي بارگاهہ شاهہ خيرالانام ۾ جهومي جهومي درود و سلام جا نذرانا پيش ڪرڻ وارا خوش نصيب اسلامي ڀائرو! رب عَزَّ وَجَلَّ جي رحمت تي خوش ٿيو جو اسان کي درودِ پاڪ جي صورت ۾ گناهن جي بخشش جو بهترين ذريعو عطا فرمايو آهي، تنهنڪري گناهن جي معافي جي لاءِ درود و سلام جي ڪثرت ۽ توبہ و استغفار کي پنهنجو معمول بڻايو. دُرُود وسَلام جي فضيلتن ۽ برڪتن ۽ ان حوالي سان مَزيد مفيد مَعلُومات حَاصِل ڪرڻ جي لاءِ دَعوَتِ اِسلامي جي اِشَاعَتي اِداري مڪتبةُ المَدِينہ جي شايع ٿيل 660 صفحن تي مشتمل ڪتاب ” گلدستہ درودوسلام“ جو مُطالعو فرمايو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دُرود پاڪ جي باري ۾ بيحد مفيد معلومات حاصل ٿيندي پاڻ بہ هن ڪتاب جو مُطالَعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي درود وسلام جي عادت بنائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

”ضعائے درود وسلام“ جي ترغيب بہ شامل ڪئي وڃي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ديدارِ مُصطَفٰي نصيب ٿيندو آهي:

دروِدِ پاڪ جي برڪت سان مصطفي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خواب ۾ زيارت نصيب ٿيندي آهي، هر عاشق جي دل جي تمنا اها هوندي آهي ته ڪڏهن منهنجا به ستل نصيب جاڳي پون ۽ مون کي به خواب ۾ ديدارِ مصطفي عطا ٿئي ۽ وقت بوقت الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ ائين التجائون به ڪندو رهندو آهي ته

یا ربّ ترے محبوب کا جلوہ نظر آئے
اس نُورِ مجسم کا سراپا نظر آئے
اے کاش کبھی ایسا بھی ہو خواب میں میرے
ہُوں جس کی غلامی میں وہ آقا نظر آئے
ان آنکھوں کا ورنہ کوئی مصرف ہی نہیں ہے
سرکار تمہارا رُخِ زیبا نظر آئے

يقيناً اسان سڀ به حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زِيارت جا خَواهشمند آهيون ته اسان کي عشق جا بيا تقاضا پورا ڪندي سچي چاھ سان دُرُودِپاڪ جي ڪثرت ڪرڻ گهرجي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ نه هڪ ڏينهن اسان تي به ضَرور ڪرم ٿيندو ۽ اسان به شربتِ ديدار کان سيراب ٿينداسين.

حضرت سَيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان روايت آهي ته نبي رَحمت، شفيعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عظمت نشان آهي: ”جيڪو مومن جُمُعي جي رات (خميس ۽ جمعي جي درمياني رات ) ۾ (2) رڪعت ان طرح پڙهي جو هر رڪعت ۾ سُورَةُ الْفَاتِحَه کان پوءِ 25 ڀيرا قُلْ هُوَاللهُ اَحَدٌ پڙهي، پوءِ هي دُرُودِپاڪ

www.dawateislami.net

صَلَّى الله عَلٰى مُحَمَّدِ النَّبِى الاُمِّى هزار1000 پيرا پڙهي تہ ايندڙ جمعہ کان پهريان خَواب ۾ منهنجي زِيارت کندو ۽ جنهن منهنجي زِيارت کئي الله عَزَّ وَجَلّ ان جا گُناهہ مُعاف فرمائيندو. (القول البديع ،الباب الثالث في الصلاة عليه في اوقات مخصوصة،ص ٣٨٣ )

حضرت سَيدُنا شيخ عبدُ الحق محدِّث دِهلوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه نقل کن ٿا: ”جيکو شخص جُمعي جي ڏينهن هڪ هزار 1000 پيرا هي دُرُود شريف صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدِ النَّبِى الاُمِّى پڙهندو تہ اهو سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خَواب ۾ زِيارت کندو، يا جنَّت ۾ پنهنجي منزل ڏسي وٺندو، جيڪڏهن پهرين پيري ۾ مَقصد پورو نہ ٿيو، تہ ٻئي جُمعي بہ ان کي پڙهي وٺي، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنج (5) جُمعن تائين ان کي سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زِيارت ٿي ويندي.

(تاريخِ مدينه، ص٣۴٣)

کچھ ایسا کردے مرے کِردگار آنکھوں میں
ہمیشہ نقش رہے رُوئے یار آنکھوں میں
اُنہیں نہ دیکھا تو کِس کام کی ہیں یہ آنکھیں
کہ دیکھنے کی ہے ساری بہار، آنکھوں میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پُل صِراط تي آساني ٿيندي:

درودِ پاڪ جو هڪ فائدو هي بہ آهي تہ اسان جو پڙهيل درودِ پاڪ پُلِ صراط جي اونداهي ۾ اسان جي لاءِ نور هوندو. پُلِ صراط جهنم جي مٿي ٺهيل

هڪ پُل آهي جيڪو وار کان وڌيڪ سنهو ۽ تلوار جي ڌار کان وڌيڪ تيز هوندو هر هڪ پنهنجي عملن جي مطابق رفتار ۾ گذرندو، ڪو بجلي جيان تيزي سان پار ڪندو تہ ڪو تيز هوا جيان، ڪو اهڙي طرح جيئن پکي اڏامندو آهي، ڪو گهوڙي ۽ ماڻهو جي ڊوڙڻ وانگي ۽ ڪو گهليجندو گذرندو ۽ جنهن جي باري ۾ پڪڙڻ جو حڪم ٿيندو تہ پُل صِراط جي ٻنهي پاسي لڳل وڏا وڏا لوهي ڪُنڊا ان کي پڪڙي جهنم ۾ اڇلائي ڇڏيندا. جيڪڏهن اسان عافيت سان پل صراط پار ڪرڻ چاهيون ٿا تہ دنيا ۾ رهندي آخرت جي تياري ڪريون ۽ ڪثرت سان درودِ پاڪ جي عادت بڻايون اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي بَرَڪت سان پُل صِراط جو تاريڪ (اونداهي وارو) رستو روشن ٿي ويندي ۽ اسان ان دُشوار گُذار مرحلي مان نَجات ماڻينداسين. جيئن تہ روايت ۾ اچي ٿو:''اَلصَّلاۃُ عَلَیَّ نُوْرٌ یَوْمَ الْقِیامَةِ عِنْدَ ظُلْمَةِ الصِّرَاطِ، يعني مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهڻ قِيامت جي ڏينهن پُل صِراط جي تاريڪي ۾ نُور هوندو. 'وَمَنْ اَرَادَاَنْ يكتَالَ لَه بِالْمِيالِ الْاَوْفٰى يَوْمَ الْقِيامَةِ، ۽ جنهن کي هي پسند هجي تہ قِيامت جي ڏينهن ان کي اَجر جو پيمانو پري ڪر ڏنو وڃي ''فَلْيكثِرْ مِنَ الصَّلَاۃِ عَلَیَّ'' تہ ان کي گهرجي تہ مون تي ڪثرت سان دُرُود موڪلي. (القول البديع،الباب الاول في الامر بالصلاة علي رسول الله...الخ،ص۱۱۸)

کوئی قریبِ ترازو کوئی لبِ کوثر　　کوئی صراط پہ ان کو پکارتا ہوگا
میں ان کے در کا بھکاری ہوں فضلِ مولیٰ سے　　حسن فقیر کا جنّت میں بسترا ہوگا

## قيامت جي ڏينهن سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت نصيب ٿيندي:

دُرُودِ پاڪ پڙهڻ جو هڪ فائدو هي بہ آهي تہ ان جي برڪت سان قيامت جي

www.dawateislami.net

ڏينهن سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شَفاعَت نصيب ٿيندي. اُمُّ المومِنين حضرت سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان رِوايت آهي تہ نبي رَحمت، شَفيعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ شفاعت نشان آهي: ''مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ يَوْمَ الْجُمُعَةِ كَانَتْ شَفَاعَةٌ لَّه عِنْدِي يَوْمَ الْقِيَامَة جيڪو شخص جُمُعي جي ڏينهن مون تي دُرُود شريف پڙهندو تہ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت منهنجي ذِمہ ڪرم تي هوندي.'' (كنز العمال، كتاب الاذكار،الباب السادس في الصلاة عليه علي آله، ٢٥٥/١، الجزء الاول،حديث:٢٢٣٦)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قيامت جي ڏينهن جي باري ۾ سُورةُ المَعارِج جي آيت نمبر 4 ۾ ارشاد آهي: كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ ترجمو كنز الايمان: جنهن جو اندازو پنجاهہ هزار سال آهي. ان ڏينهن سج ٻاهہ وسائي رهيو هوندو، ٽامي جي ٿهڪندڙ زَمين هوندي، هر هڪ پنهنجي پگهر ۾ وهنجي رهيو هوندو، اُڃ جي شِدَّت سان زبانون سڪي ڪنڊا ٿي وينديون. نَفْسِي نَفْسِي جو عالَم هوندو ۽ ان سخت وَقت ۾ ڪو حال پڇڻ وارو نہ هوندو. سيپاري30سوره عَبَسَ جي آيت 34 تا 36 ۾ ارشاد آهي:

يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ ﴿۳۴﴾ وَ اُمِّهٖ وَ اَبِيْهِ ﴿۳۵﴾ وَ صَاحِبَتِهٖ وَ بَنِيْهِ ﴿۳۶﴾ **ترجمو كنز الايمان:** ان ڏينهن ماڻهو ڀڄندو ڀاءُ، ماءُ ۽ پيءُ ۽ زال ۽ پٽن کان

اهڙي سخت حالات ۾ جڏهن ڪوپُرسانِ حال نہ هوندو، تمام اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلام جي طرفان بہ اِذْهَبُوْا اِلٰى غَيْرِی (ڪنهن ٻي وٽ وڃو) جو جَواب ملندو، اهڙين حالتن ۾ هڪ ئي هستي هوندي جيڪا اسان گُنهگارن جي نااميدي کي اميد ۾ بَدلي ڇڏيندي، اسان جي ٽٽل اُميدن جو سَهارو (Support) بڻجندي، جنهن

www.dawateislami.net

جي چپن تي آنَا لَهَا (شَفاعَت جي لاءِ مان آهيان) جون صدائون هونديون، جي ها! اها مُبارڪ هستي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ ذات هوندي جيڪا بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ سجدي ۾ وڃي پنهنجن گنهگار اُمتين جي شفاعت ڪندا. حضرت سَيدُنا رُوَيفَع بن ثابِت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَرْوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشادفرمايو: ”جنهن شخص هي دُرُود شريف پڙهيو: ’’اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيامَة‘‘ ته ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي.

(معجم ڪبير،رويفع بن ثابت الانصاري،۵ / ۲۶، حديث :۴۴۸۰ )

ہے ان کو اُمّت سے پیار کتنا، کرم ہے رحمت شعار کتنا
ہمارے جُرموں کو دھو رہے ہیں حضور آنسو بہا بہا کر
میں وہ نکما ہوں جس کی جھولی میں کوئی حُسنِ عمل نہیں ہے
مگر وہ احسان کر رہے ہیں خطائیں میری چھپا چھپا کر

(خالد محمود نقشبندي)

## مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان درودِ پاڪ ڪيتري قدر مختصر ۽ عظيمُ الشان عمل آهي پر ان جي جزا ڪيتري عمده جو ان جي برڪت سان حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت واجب ٿيندي آهي تنهنڪري شفاعتِ مُصطَفٰي جو حقدار بڻجڻ جي لاءِ درود پاڪ جي ڪثرت ڪريو ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ان جي شعبن ۾ پنهنجون خدمتون پيش ڪريو ۽ دنيا ۽ آخرت جي برڪتن مان حصو وٺو . اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي

www.dawateislami.net

جي ڪم و بيش103 شعبن مان هڪ مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ بہ آهي. اها مجلس مڪتوب ذريعي ڏکايل مسلمانن جي غم خواري ۽ تعويذات، ورد وظيفن جي ذِريعي بيمارين ۽ پريشانين جو فِي سَبِيلِ الله رُوحاني عِلاج ڪندي آهي.قرآنِ پاڪ جي ذريعي علاج ڪرڻ بلڪل جائز آهي ڇوتہ قرآن ِ پاڪ بيمارين جي بهترين دَوا بہ آهي. فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: خَيرُ الدَّوَاءِ اَلْقُرْاٰنُ يعني بهترين دَوا قرآنِ پاڪ آهي. (ابن ماجه،٤/١١٦، حديث:٣٥٠١) اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مسلمانن کي فائدو پهچائڻ جي لاءِ پاڪستان ۾ ڪم وبيش 750 ڪان وڌيڪ ۽ پاڪستان کان ٻاهران 230 ڪان وڌيڪ هنڌن تي مجلسِ مڪتوبات وتعويذاتِ عطاريہ جي بستن تان ماهوار ڪم وبيش (335,000) مريض ۽ انهن جا نُمائندا فيضياب ٿيندا آهن جنهن کي تقريباً 6 لک تعويذات ۽ اَوْرادِ عطاريہ في سبيل الله پيش ڪيا ويندا آهن. هن شعبي جي تحت ”استخاره مجلس “بہ قائم آهي جنهن جي ذريعي روزانو سڄي دُنيا مان فون ذريعي ڪثير عاشقانِ رسول اِستخاره ڪرائي پنهنجي مسئلن جي حل ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ماهوار ڪم وبيش 55,000 (پنجونجاهہ هزار) جي ويجهو اسلامي ڀائر هن اِستخاره سروس تي رابطو ڪن ٿا.

## بيان جو خلاصو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اڄ جي بيان ۾ اسان درودو سلام جون فضيلتون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي

- درود وسلام پڙهڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جو سبب آهي .
- درود وسلام پڙهڻ واري کي شفاعتِ مُصطفيٰ نصيب ٿيندي .
- درود وسلام پڙهڻ واري جي روزي ۾ برڪت ٿيندي آهي.

www.dawateislami.net

- درود وسلام پڙهڻ سان گناهہ معاف ٿيندا آهن.
- درود وسلام پڙهڻ سان نيڪين ۾ اضافو ٿيندو آهي.
- درود وسلام پڙهڻ سان درجات بلند ٿيندا آهن.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سچي پڪي محبت نصيب فرمائي اٰمين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿي، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پاڻي پيئڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي 163"مدني گل" مان پاڻي پيئڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: پهريان بہ (2) فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪريو: ❁ اُٺ وانگر هڪ ئي ساهي ۾ نہ پيو، بلڪ بہ يا ٽي پيرا (ساهہ ڪٽي) پيئو ۽ پيئڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ اللّٰه پڙهو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰه چوندا ڪريو ـ (سنن ترمذي ج 3 ص 352 حديث 1892) ❁ نبيّ اَڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

www.dawateislami.net

ٿانوءَ ۾ ساهه ڪڍڻ يا ڦوڪ ڏيڻ کان منع فرمايو آهي . (سنن ابي داؤد ج 3 ص 474 حديث 3728) مُفَسّر شَهير، حڪيمُ الاُمت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيهِ رَحمةُ الحَنّان هن حديث شريف تحت فرمائن ٿا: ٿانوءَ ۾ ساهه ڪڍڻ جانورن جو ڪم آهي، ۽ ساهه ڪڏهن زهريلو پڻ هوندو آهي انهي ڪري ٿانوءَ مان وات پري ڪري ساهه ڪڍو (يعني ساهه ڪڍڻ مهل گلاس جدا ڪيو) گرم کير يا چانهه کي ڦوڪن سان ٿڌو نه ڪيو بلڪ ڪجهه دير صبر ڪري ڪجهه ٿڌي ٿيڻ تي پيئو (مراٰة ج 6 ص 77) البت دُرود پاڪ وغيره پڙهي شِفا جي نيّت سان دم ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي ❁ پيئڻ کان پهرين بِسْمِ الله پڙهو ❁ چوسي ڪري ننڍا ننڍا ڍُڪ پريو، وڏا ڍُڪ پَرڻ سان جگر جي بيماري پيدا ٿيندي آهي ❁ پاڻي ٽئي ساهه ۾ پيئو ❁ ساڄي هٿ سان ۽ ويهي پاڻي پيئو ❁ ڪؤنري وغيره مان وضو ڪيو ته ان جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شِفا آهي ۽ اهو آبِ زمزم شريف سان مشابهت رکي ٿو، ان بنهي (يعني وضو جو بچيل پاڻي ۽ آب زمزم شريف) کان علاوه پيو ڪو به پاڻي بيهي ڪري پيئڻ مڪروه آهي . (ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج 4 ص 575، ج 21 ص 669) اهي پاڻي قبلي ڏانهن منهن ڪري پيئو ❁ پيئڻ کان پهرين ڏسو ته پيئڻ جي ٿانوءَ ۾ ڪا نقصان واري شيء وغيره ته ناهي (اتحاف السادة للزبيدي ج 5 ص 594) ❁ پاڻي پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُلله چئو ❁ حُجَّةُ الاسلام حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي عَليهِ رَحمةُ اللهِ الوالي فرمائن ٿا: بِسْمِ الله پڙهي پيئڻ شروع ڪري پهرين ساهي جي آخر ۾ اَلْحَمْدُلله بي کان پوءِ اَلْحَمْدُلله رَبِّ الْعٰلَمِيْن ۽ ٽين کان پوءِ اَلْحَمْدُلله رَبِّ الْعٰلَمِيْنِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي. (احياءُالعلوم ج 2 ص 8) ❁ گلاس مان بچيل مسلمان جي اُوبر

وارو صاف پاڻي کي استعمال لائق هجڻ جي باوجود هرويرو اڇلائڻ نہ کپي ۞ منقول آهي: سُؤرُ الْمُؤمِنِ شِفَاءٌ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شِفا آهي . (الفتاويٰ الفقيهة الڪبريٰ لابن حجر الهيتمي ج 4 ص 117، ڪشف الخفاء ج 1 ص 384) ۞ پيئڻ جي ڪجھ گھڙي بعد خالي گلاس کي ڏسندا تہ ان جي ديوارن مان ڪجھ قطرا هيٺ جمع ٿي چڪا هوندا ان کي بہ پي ڇڏيو.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد